Uda

128

ٻال سڀا

ٻارن لاءِ سهڻو ڪتاب




ليکڪ: شاعر ساون ڪمار اُداسي

123 ل-6

000339

آرپيم ماتا صاحب جي چرنن ۾



شريمتي چيتي ٻائي چانگومل جيسواڻي

منهنجي منڙي ماتا تنهنجي،
کهڙي ڪريان وڏائي.
تو مٽ ناهي ڪا شئہ جڳہ ۾،
جاچي ڏٺي مون خدائي
ساون ڪمار اُداسي

ٻال سڀا (ٻال ڪهاڻيون ۽ گيت)

ليکڪ ۽ شاعر : ساون ڪمار اُداسي
٢٠١، سائين مهر،
سي - بلاڪ چؤنڪ
اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠١ (فون نمبر - ٥٤٢٣٩٥)

پهريون ڇاپو - سال جون، ١٩٩٧ قيمت : ٢٠ روپيا

پبلشر : ڪڪريجا پبلشنگ هائوس
بي - ٤١ / ٢٤٥، نوان بلاڪ،
اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠٥ (فون نمبر - ٥٢٦٠٢٦)

پرنٽر : سڌا آفسيٽ پرنٽرس
اُلهاسنگر - ٣ (فون نمبر - ٥٦٠٤٦٥)

BAL SABHA

(STORIES & POEMS for Childrens)

AUTHOR & POET : SAWAN KUMAR UDASI
201, Sai Mahar,
C - Block Chowk,
Ulhasnagar - 421 001.
✆ 542395


PUBLISHER : KUKREJA PUBLISHING HOUSE
B - 41 / 245, New Blocks,
Ulhasnagar - 421 005
✆ 52 6026

PRINTER : SUDHA OFFSET PRINTERS
ULHASNAGAR - 3 (✆ 560465)

YEAR - JUNE, 1997 RATE : Rs. 20/-

پال سیپا





منهنجو ساٿي ساون ڪمار اُداسي،

شاعرن کي اوليا انسان جو درجو ڏنو ويو آهي. ساون ڪمار اُداسي اسانجي سنڌو ادبي سنگت جي گلدستي جو هڪ مهڪندڙ گل آهي ۽ معياري شاعر آهي. عاليٰ شخصيت جو ڏٺي آهي.

هن نيڪ انسان جي سچائپ جي ڪسوٽيءَ تي پاڻ کي صحي ثابت ڪيو آهي. هن جو معصوم ٻارن سان بيحد پيار آهي ۽ ٻارڙا پڻ هنکي خوب ڀائيندا آهن!

شاعر ساون ڪمار اُداسي پنهنجن ۽ اوپرن ۾ پيارو آهي ڇو ته هن جي اندر نهنائي ۽ نماڻائي آهي، جڏهن هن جي اندر ۾ معصوم ٻالڪ سمايل آهي. هن سچ ’ٻال سڀا‘ پنهنجي ڪتاب ۾ ٻالڪن سان روح رهاڻ ڪئي آهي. اها روح رهاڻ آکاڻين ۽ ٻال گيتن ذريعي گفتگو ۾ ڪئي آهي ته چترن ذريعي پڻ ڪئي آهي. مطلب ته ’ٻال سڀا‘ کي هن صاحب خوب ونڊرايو آهي. سکيائون پڻ ڏنيون آهن. هن قسم جو ڪتاب جنهن ۾ آکاڻيون، گيت ۽ سندر چتر به شامل آهن. هيءُ ڪتاب ٻارن ۽ وڏڙن لاءِ لايدايڪ آهي. هيءُ ڪتاب انوکي قسم جو هڪ انمول موتي آهي. هن قسم جو پستڪ هرهڪ جي گهر ۾ هئڻ گهرجي ۽ سڀني کي پڙهڻ گهرجي.

ائين ته هن شاعر جا به ڪتاب (١) ’هڪ گهڙي مون سان به گهار‘ (٢) ’عجب هي آيو زمانو‘ شعرن جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. مگر انهن کي ڪافي سال ٿي ويا آهن تنهنڪري اُهي ڪتاب هن وقت ملڻ مشڪل آهن. ٽيون هڪ ڪتاب شعر جو مجموعو پڻ گيتن، غزلن، مذاقي گيتن ۽ ڪلامن جو پريس ۾ آهي. اُهو پڻ سيگهه ئي اوهانجي اُڳيان ايندو.

هن صاحب جا گيت ڪيترائي ڳائڪ ڳائيندا آهن. ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻيءَ جي مڌر آواز ۾ ۽ شري سي. لڪميچند جي سريلي، سنگيت ۾ ڪئسٽ ۾ رڪارڊ ٿيل آهن. هندي ۽ سنڌيءَ جي ادب ۾ هن صاحب جون دل لڀائيندڙ رچنائون هونديون آهن. هر محفل ۾ اُداسي صاحب خوب شعرن جي ورکا ڪندو آهي ۽ واهه واهه، داد حاصل ڪندو آهي. هر هنڌ مان سنمان پائيندو آهي. اهڙي سرل سڀاءَ واري نيڪ انسان لاءِ مان ائين ئي چوندس ته سدا سدا خوش رهي آباد رهي. الاهه ڪري زوري قلم اڙ زيادهه.

هندوجا نند ’آنند‘

ٻه ٻول



شري ساوَن ڪمار اُداسي ڳايڪ به آهي شاعر به آهي. پرپوءِ ڪيس لکڻ جي ڏات ڏني آهي. گيت ٺاهي به ٿو ڳائي به ٿو. سالن کان ساهتڪ ساڌنا ڪندو رهيو آهي. سنڌيءَ ۾ ساهتيه سرجڻ ڪرڻ ۽ وري پرڪاشت ڪرڻ ڪلن ڪم آهي. مونکي خوشي آهي جو ڀاءُ ساوَن ڪمار اُداسي سنڌي ٻال ساهتيه کي وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. سندس پستڪ 'ٻال سڀا' پرڪاشت ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ هن جا سڀا - ڊائلاگ ۽ قومي ٻال گيت به آهن ته ٻال ڪهاڻيون به آهن. سندر درشٽانت ڪهاڻيون آهن. هڪ هڪ رچنا سان ڀاءُ لاجمع ڪکريڪا جا چتر به ڏنل آهن. جئن ٻارن جي پڙهڻ ۾ رُچي وڌي. سندس ڪهاڻيون وندر جو ساڌن به آهن ته سکيا جو ساڌن به آهن

(٢)

پڳتسنگهه جيان ٿي پروانو،
لڪشراءِ جيان ٿي مستانو،
لوڪمانيه جيان لڙندو رهندس،
آزاديءَ جو ٿي ديوانو.

جنني جنم ڀوميءَ سان آهي.
منهنجو جنم جنم کان پيار.
مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي.
مونتي آ ڀارت جو بار.

ساڻو باندر پنچتنتر جي ڪهاڻيءَ جا گيت ۾ شاعر لکي آهي. س
به قابل - ذڪر آهي. 'ٻال سڀا' پسنڪ ۾ ٻارن کي منورجن جو مصالح
ملي ٿو ۽ سندر سکيائون ملن ٿيون. اُميد آهي ته ڀاءُ ساوَن ڪمار اُداسي
جو هيءُ پستڪ ٻال ساهتيه ۾ هڪ اضافو ٿيندو.

— ڊاڪٽر ديال 'آشا



سرڳواسي جيوت گوگيا ’جوت‘

سرڳواسي جيوت گوگيا ’جوت‘ کي هرويرو مان انڪري ڻو سڃاڻان نه ھو مونکان پنھنجن ڪتابن لاءِ چتر ڪڍائيندو ھو، يا سنه ١٩٦١ع ۾ ڪيس سندس لکيل ٻارن جي ڪتاب ناني ۽ جون آڪاڻيون‘ تي ڀارت سرڪار طرفان انعام مليو ھو. ھو سنڌين ۾ خاص ڪري ڀارت ۾ سنڌين جو ٻھريون ارن جو ليکڪ آھي ۽ پڻ مشھور آھي.

حقيقت ۾ ھو ليکڪ ھو، پر ٻارن لاءِ لکڻ ھن پوءِ شروع ڪيو. سينٽرل ريلوي جي سنڌين جي مخزن **’مومل‘** جو پايو ھن وڌو. سندس ئي پريرڻا سان مومل پريس ۾ ئي ۽ اھان ڇپجي پيئي. مومل ۾ ئي ١٩٥٦ع جي پرچي ۾ سندس ھڪ ڪھاڻي ’سوٽر ٻا ٻچا‘ شايع ٿي ۽ ھي صاحب ان ڪھاڻيءَ ڪري مشھور ٿي ويو. ھو ادبي ڪلاس ۾ حمبشد ويندڙ ھو.

تن ڏينھن ۾ سنڌنگر ۾ ادبي ڪلاس ڪانگريس آفيس ڪئمپ - ٢ ۾ جتي اڄ ودياڙتي ٻور آھي، اُتي ھلندو ھو. آرتوار تي صبح جو ١٠ بجي کان پوءِ ھلندو ھو. ھڪ دفعي منھنجو به وڃڻ ٿيو، اُتي ’جوت‘ به پنھنجي ھڪ آزاد ڪويتا ’آپگھات‘ پڙھڻ ۽ ٽئي آيو ھو، سندس ڪويتا تي ٻڌي سيني تي ڪل اچي ويئي. جوتي ’آپگھات ڪندڙ اٺيءَ جي تڏي حق ڪري آپگھات ڪرڻ تو ڪري.‘ اھو به سنه ١٩٥٩ع جو زمانو ھو.

پر آءٌ ’جوت‘ کي اڃان به ڪافي اڳ سڃاڻندو ھوس. ١٩٥٠ع ۾ منھنجي ماسات ڪرمونءَ جو ھن وٽ اچڻ وڃڻ شارٽ ھئنڊ جي رياض لاءِ ھوندو ھو. اھي منٿريءَ ٻون ٻڌرڪون ھيون. ’جوت‘ جا نصيب ھئا جو ڪيس ڪو ڪنڊ پاسيرو ٻاھر نڪتل نئڏڙو ٺمرو ملي ويو ھو ۽ ان کي آفيس ڪري ڪتب آڻيندو ھو. ريلوي ۾ نوڪري نه ڪندڙ ۽ ۽ شارٽ ھئنڊ به سکندو ھو. مان پنھنجي ماسات سان گڏ ھن وٽ ايندو ويندو ھوس. منھنجو ماسات ته دھليءَ ھليو ويو. ١٩٦٢ع ۾ ’جوت‘ ريلوي جي نوڪري ١٨٥ روپيين جي پگھار واري ڇڏي ڏني. توڙي وڪالت مان ڪيس اُن وقت ١٢٥ روپيا ملندا ھئا. ۽ ته وڪالت ۾ ھن خوب نالو ڪمايو ۽ سندس ساٿي ڪيس ’سائين‘ ڪري ڪوٺيندا ھئا. ڊ پارٽيءَ تي رات جو نائين بجي وارو ’ھوا محل‘ ھو ضرور ٻڌندو ھو. سو به ريڊيو ڀرسان ويھي ڪري. ھن ٻارن لاءِ گھڻائي ڪتاب لکيا. ۽ پڇاڙيءَ تائين لکندو رھيو ۽ مونکان چتر ڪڍائيندو رھيو. فراخدل ۽ وسيع نظر رکندڙ سيني ۾ پيارو ھو ۽ ھر ساھت سڀا ۾ حاضر رھندو ھو. مونکي اڄرج لڳو ته ھڪ دفعي جنوري ١٩١٢ع ۾ فلور فائونٽين ٽ اخبار نويسن جي آفيس ۾ گوبند مالھي ۽ ٽيڪچند مست جي ٻاران سڏايل ڪلاس ويس ته اُتي به ھو اڳواٽ ويٺو ھو.

ٻارن وانگر صاف ھردو رکندڙ، سڪايل وانگر ادائي گھرن جو خير سوچيندڙ، جيوت گوگيا ’جوت‘ ۽ سندس ھڪ پڪو دوست ائيٽي جنھن به ھن کي ڪتابن لکڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. اڄ اسان وٽ ڪونھن. ساون ڪمار ’اُداسي‘ ھيءَ پيت ’ٻال سڀا‘ جيوت ڄوت کي ارپڻ تو ڪري.

لڇمڻ يو. ڪڪريجا ’مسافر‘.



منهنجا پيارا سڄڻ سائيو،

منهنجي دلبر دوست شري هوندراج بلواڻيءَ هڪ سماروهه ۾ چيو هئو ته دنيا ۾ هرڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي زندگي گذار بسر ڪري رهيو آهي. مگر ڪي ورلي اِنسان هوندا آهن جيڪي سماج ۾ رهندي به سماج کان نرالا هوندا آهن. گهر ۾ ڪنرائي پاتي هوندا آهن مگر انهن مان ڪو هڪڙوئي ليکڪ، شاعر، سماج سيوڪ يا ڪنهن اوچي عهدي تي پهچي پنهنجي خاندان ۽ سماج جو گا[...] مٿي ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان سنڌين ۾ ڪنرائي عالم آه[...] اديب آهن، شاعر آهن، سياستدان آهن ۽ سماج سيوڪ آهن. اهڙن ماڻه[...] لاءِ ئي چيو ويو آهي ته هيءُ فلاڻو ليکڪ آهي، هيءُ فلاڻو شاعر آهي. [...] ڇاپ اُن اِنسان جي ڪرم ڌرم جي سچي نشاني آهي.

هيءُ منهنجو ڪتاب 'بال سڀا' جيڪو توهانجي هٿن ۾ آهي. اِن [...] مون ٻهنجي حياتي آڌار تي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ ٻارن جا شعر ٽِت [...] لکيا اٿم. اِن جي پريرڻا مونکي ٻهنجي ئي ٻارن مان ملي آهي جو [...] سدائين نئين نئين ڪهاڻي ٻڌڻ لاءِ منتظر رهندا آهن. جيڪڏهن هي [...] آڪاڻي نه ٻڌايان نه هو ڪِٽي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندا آهن. ديا پر جـ[...] ڪِٽي قبول آهي مگر ٻارن جي ڪِٽي قبول ڪونهي. تنهن جو نتيجو آه[...] هيءُ 'بال سڀا' ڪتاب، مان ته چاهيندس ته مون جيان توهان پڻ ٻارن [...] ڪهاڻيون ٻڌائي ٻارن جو منورنجن ڪريو.

هن ڪتاب لاءِ جن مترن دوستن مونکي هر طرح جي مدد ڪئي آه[...] اُهي آهن منهنجا دل گهريا دوست شري ٽيڪچند مست، شري هندوجا [...] آنند، انهن کان به خاص متر دوست آهي شري لڇمڻ ڪڪڙيجا جنهن منهن[...] بال سڀا ڪتاب لاءِ هر ڪهاڻيءَ ۽ گيت جي آڌار تي من موهڪ چتر ڪ[...] آهن ۽ ڊاڪٽر ديال آشا اهڙن يارن، دوستن مترن جي رهنمائي منهن[...] خوش نصيبي آهي.

هن ڪتاب بابت توهانجي راءِ جو مونکي بي صبريءَ سان اِنت[...] رهندو توهان پنهنجو رايو لکڻ نه ڀلجندا.

فقط ما[...]

ساون ڪمار اُدا[...]

لولي



منهنجا منڙا لعل ڏيان مان توکي لولي.
ڪڏهن نہ پلجين پنهنجي منڙي سنڌي ٻولي.
★ تنهنجي آهہ ضرورت اڄ ماترڀاشا کي.
لڙندين ماري پنهنجي سک جي اڀلاشا کي.
هيمو ڪالاڻيءَ جهڙي پايان توکي چولي.
ڪڏهن نہ پلجين پنهنجي منڙي سنڌي ٻولي.
★ سچا ڪندين سنڌو يوميءَ جا تون ئي سپنا،
منهنجي ڪومل من جي آهين تون ئي ڪلپنا.
هر مشڪل تئي تنهنجي پٽڙا سدائين سؤلي،
ڪڏهن نہ پلجين پنهنجي منڙي سنڌي ٻولي.
★ سنڌيت جو سنديش ڏجانءِ تون گهر گهر ۾،
سنڌين جو پيغام ڏجانءِ تون شهر شهر ۾.
دولهہ تنهنجي پريندو رهندو هردم جهولي،
ڪڏهن نہ پلجين پنهنجي منڙي سنڌي ٻولي.


★ سنڌي ٻالهايو ★

★ سنڌي سڏايو ★

★ سنڌيءَ ۾ لکو

روچيرام تيرٿداس 'سنڌو'

سنڌو لئبرري، سنڌونگر - ٠٠١ ٤٢١


KUKREJA

ڪرامتي شنکُ

اِها سچي حقيقت آهي تہ شنکر ڀڳوان پنهنجن شرڌالو ڀڳتن تي سدائين ڪرپالوُ هوندو آهي، جيڪو بہ هن جي اُستتي سک ۽ شرڌا سان ڪري ٿو تنهنجون منو ڪامنائون پوريون ڪري ٿو. شنکر ڀڳوان جو هڪڙو ڀڳت هئو، ويچارو ڏاڍو سادو سودو هئو. ڏاڍو غريب هئو پر نيم سان شِو جي آراڌنا ڪندو هئو، سچيءَ دل سان ڀڳتي ڪندو هئو. هڪ ڏينهن ويچار ڪيائين تہ جهنگل ۾ وڃي نشچنت تي ڀڳوان جو پوڄن ڪريان، شنکر ڀڳوان جو ساکيات درشن ڪريان سو اِها مراد دل ۾ رکي جهنگل ۾ وڃي تپ ڪيائين. ڪيترائي ڏينهن 'اوم نمه شواءِ' جو جاپ ڪندو رهيو. نيٺ شنکر ڀڳوان کيس درشن ڏنو ۽ پڇيائينس، 'هي ڀڳت، چئہ توکي ڇا کپي؟'

شنکر ڀڳوان کي ڏسي ڀڳت ڏاڍو خوش ٿيو، هٿڙا ٻڌي عرض ڪيائين 'سائين، 'مونکي اهڙي ڪا وَستوُ ڏيو جيڪ هر وقت منهنجي گهرج پوري ڪندي رهي.'

شنکر ڀڳوان بہ راضي ٿي هنکي هڪڙو شنکہ ڏنو ۽ چيو 'ڀڳت، وٽ هيءُ شنکہ تنهنجي هر منوڪامنا پوري ڪندو هن ڪان تون جيڪي بہ گهرندين سو توکي ملندو.'

اهو ٻڌي ڀڳت شنکُ شنکر ڀڳوان ڪان ورتو ۽ نمسڪا ڪري موڪل وٺي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي تي ئي اونده ٿيڻ لڳي سڄ لهي ويو. رات ٿيڻ لڳي ڀڳت جو گهر بہ تمام پري هئو، سو دل ۾ سوچيائين تہ ڪاش رات گذارڻ لاءِ هتي ڪا جڳهہ ملي وڃي تہ بهتر. اجان ايترو سوچيائين ئي پئي تہ سامهون هڪ جهوپڙيءَ ۾ ڏيئو ٻرند ڏٺائين اڳيان وڌي اُن جهوپڙيءَ وٽ آيو ۽ در تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو. اندران هڪ جهوڙ ٻڍي مائي نڪري آئي پڇيائينس، 'تون ڪير آهين، هت رات جي وقت توکي

آهي، ڏيندو ڪجهه به ڪين آهي. هيءُ اُن مائيءَ وٽ
ڪٽي وڃ. تنهنجو ڪم ٿيندو. توکي تنهنجو اصلي شنڪه
واپس ملي ويندو. اِهو ٻڌي ڀڳت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ روانو
ٿيو اُن مائيءَ ڏانهن.

مائيءَ جي در تي اَچي ٺڪ ٺڪ ڪيائين. مائي نڪري
آئي ۽ پڇيائينس، 'اَڙي تون وري واپس آيو آهين؟ ڇا
ٿيو؟ ڀڳت جواب ڏنو 'اَمان اَڄوڪي رات گذارڻ ڏيو. مان
صبوح جو سوير ئي هليو ويندس. مائيءَ به سوچيو هاڻي
شايد هن شنڪه کان به وڌيڪ ڪرامتي ڪا شئِ ڪٽي آيو آهي
سو ڪيس سڪ پيار ۽ آدر سان اندر اچڻ لاءِ چيائين، ڪيس
ماني کارايائين بسترو به ٺاهي ڏنو پوءِ ڪنڌ مان ٻهي رهي
ڏسڻ ته ڀڳت ڇا ٿو ڪري.

ڀڳت به اهو شنڪه ڪڍيو پوءِ شنڪر ڀڳوان کي ياد ڪيو
۽ شنڪه کي عرض ڪيائين ته 'هي شنڪر ڀڳوان جا شنڪه
اڄ ته مونکي به هزار ڏي.'

شنڪه آواز ڏنو، 'سائين ٻه ڇو چار گهرو.'

ڀڳت عرض ڪري چيو، 'سائين چار هزار ڏيو.'

شنڪه آواز ڏنو، 'سائين اَٺ هزار گهرو.'

ڀڳت عرض ڪري چيو، 'ڇٿو سائين سياڻي ڏجو هاڻي
مونکي به ننڊ ٿي اچي.'

اهو سڀ ڏسي مائيءَ جي من ۾ وڌيڪ لالچ اَچي ويئي.
سو جيئن ئي ڀڳت سمهيو تيئن مائيءَ پنهنجو ڪم ڪري
ورتو. اڳيون شنڪه رکي هاڻي وارو شنڪه ڪٽي ورتو. ڀڳت
جو مِڙ ڪري سمهيو پيو هئو تنهن سڀ ڏسي ورتو. صبوح
ٿيندي ئي هو چپ چاپ مائيءَ جي جهوپڙيءَ مان نڪري
گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

صبوح جو مائي ننڊ مان اُٿي ڏسي ته ڀڳت ئي گُم
آهي پر اهو شنڪه جو مائيءَ چورايو هئو سو پيو هئو. سو
مائيءَ به شنڪر ڀڳوان جي اُستتي ڪري چيو، 'هي شنڪر

ڇا گهرجي؟'

اهو ٻڌي ڀڳت وراڻيو، 'ماتا مان هڪ مسافر آهيان منهنجو گهر تمام پري آهي. مهرباني ڪري اڄوڪي رات مونکي رهڻ ڏيو مان صبوح جو سوير ئي هليو ويندس.'

اِهو ٻڌي مائيءَ چيس 'پٽ ٺيڪ آهي مان توکي رهڻ ڏيندس پر مونکي ڪجهه پئسا ڏيڻا پوندءِ.'

ڀڳت چيو، 'اَما ٺيڪ آهي مان توهان کي پئسا ڏيندس.'

پوءِ ڀڳت جهوپڙيءَ جي اَندر گهريو، مائيءَ هن کي سڪ سان کاڌو کارايو ۽ سمهڻ لاءِ چٽائي وڇهي ڏني. ڀڳت ٿڪل ته هئو ته به من ۾ ويچار ٿيس، 'شنڪ جي ڪرامت به ته ڏسان.' سو اکيون بند ڪري سڪ سان چيائين، 'هي شنڪر ڀڳوان جا شنڪ مونکي هزار روپيا ته ڏي.'

ايتري ۾ ڏڙا ڏڙ هزار رپين جا سڪا شنڪ مان اچي نڪتا. ڀڳت ڏاڍو خوش ٿيو پر اِهو نظارو مائيءَ به ڏسي ورتو ۽ سوچيائين 'هي ته ڪرامتي شنڪ آهي. ڇو ڪين مان اِهو پاڻ وٽ رکان'. سو جيئن ئي ڀڳت کي ننڊ آئي مائيءَ ڪرامتي شنڪ کڻي ورتو ۽ اُن جي جڳهه تي هوُ بهوُ ساڳيو ئي ٻيو شنڪ رکي ڇڏيو. صبوح ٿيو ڀڳت ته شنڪ کڻي هليو ويو. گهر پهچي وري شنڪ جي پوڄا ڪري چيائين، 'هي شنڪر ڀڳوان جا شنڪ هڪ هزار روپيا ته ڏي.' مگر هي ته ڪرامتي شنڪ هئو ئي ڪونه سو ڪجهه به نه مليس. هڪ دفعو به دفعا ٽي دفعا ساڳي آراڌنا ڪيائين مگر ڪجهه به نه مليس، تڏهن دل ۾ شڪ ٿيس 'پڪ ئي پڪ مائيءَ ئي منهنجو ڪرامتي شنڪُ ڪنيو آهي ۽ هيءُ نقلي شنڪ مونکي ڏنو اٿائين.' سو وري ويو جهنگل ۾ شو شنڪر جي ڀڳتي ڪرڻ. وري شنڪر ڀڳوان راضي ٿي ڀڳت کي درشن ڏنو ۽ پڇيو 'ڀائي ڀڳت وري ڇا ٿيو؟ هاڻي توکي ٻيو ڇا گهرجي؟'

ڀڳت سموري ڳالهه ڀڳوان کي ٻڌائي. تڏهن شنڪر ڀڳوان چيس، 'هي وٺ ٻيو شنڪُ. هي شنڪُ فقط ڳالهيون ڪندو

پڳوان جا شنکہ مونکي پنج هزار روپيا ڏي.'

شنکہ چيو، 'ها امڙ تون ڏھ هزار گھُر.'

مائيءَ چيو، 'چڱو، ڏھ هزار ڏي.'

شنکہ چيو، 'امڙ ويھہ هزار وٺ.'

مائيءَ غصي ۾ اچي چيس، 'اَڙي ماريا شنکہ ڏيندين کن ڏيندين ئي کونہ.'

شنکہ چيو 'امڙ ڏيڻ وارو شنکہ تہ پڳت کٽي ويو، مان آهيان ڳالهيون ڪرڻ وارو شنکہ. جيتريون بہ ڳالهيون ڪرڻيون اٿيئي مونسان ڪر پر مان توکي ڏيندس ڪجهہ بہ نہ.'

اِهو ٻڌي مائي پنهنجي ڪرمن تي ڪٽي ٻئي هٿ هنيا ۽ چيو 'اَڙي هي مون لالچ ۾ اچي ڇا ڪيو؟ ٻہ بہ ويون تہ ڇهہ بہ ويون!'


KUKREJA

مون ۾ آهي اذيت شڪتي،
دشمن لاءِ آهيان آپيشاپ.
ناهي دهشت ۽ دم ڪنهن ۾،
آهيان مان هر مشڪل لئہ تيار.
مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي،
مون تي آ ڀارت جو بار.

(٣)

ڀڳتسنگهہ جيان ڌي پروانو،
لجپتراءِ جيان ڌي مستانو،
لوڪمانيہ جيان لڙندو رهندس،
آزاديءَ جو ڌي ديوانو.
جنني جنم ڀوميءَ سان آهي،
منهنجو جنم جنم ڪان پيار.
مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي،
مونتي آ ڀارت جو بار.

(٤)

نهروءَ ۽ گانڌيءَ جيان جڳہ ۾،
امن جي جوت جلائيندس،
شاستريءَ ۽ اندرا وانگر مان،
ملڪ جو مان وڌائيندس،
ڪين ڪو رهندو هاڻي اُداسي،
هرڪو رهندو باغ بهار.
مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي،
مونتي آ ڀارت جو بار.

★★★★★

ننڍڙو سپاهي



مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي،
مونتي آ ڀارت جو بار.
دشمن کي دهشت کهڙي جو،
مونتي اچي ڪري هو وار.

(۱)

رام ڪرشن جو مون ۾ واسو،
مون ۾ ٻل آ ڀيم سمان.
ڪنس ۽ راوڻ جهڙا ڪيئي،
جهڪندا مون آڏو انسان،
آن ۽ ڪندس آڪڙ وارن جو،
هن جڳ ۾ جيئڻ ڏشوار.
مان ڀارت جو ننڍڙو سپاهي،
مون تي آ ڀارت جو بار.

(۲)

وير شواجي مان ئي آهيان،
مان ئي آهيان وير پرتاپ.


KUKREJA

نڳ ۽ ٻگهڙ

هڪ ڀيري هڪ ٻگهڙ جهنگل ۾ شينهن جي غفا وٽان
لنگهي رهيو هو. تہ هن شينهن جي ڪِراهڻ جو آواز ٻڌو
سو وڃي شينهن جي غفا اَندر پهتو. شينهن کي زخمي حالت
۾ ڏسي کانئس پڇيائين، ’شينهن مهاراج سڪ تہ آهي نہ
توهان ائين ڪرهائي ڇو رهيا آهيو؟ ڇا ڳالهہ آهي جو ائين
درد ڀريو آواز ڪري رنڀي رهيا آهيو؟‘
تڏهن شينهن پنهنجون اَکيون کوليون ۽ پڇيو، ’اَڙي
ڀائي، تون ڪير؟ ٻگهڙ آهين!‘
ٻگهڙ وراڻيو، ’ها سائين مان توهانجو داس ٻگهڙ آهيان
توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڪرهائي ڇو رهيا آهيو؟‘
شينهن چيو، ’مونکي پير ۾ گولي لڳي آهي، خون بہ
تمام گهڻو وهي ويو آهي. زخم بہ گهرو آهي.‘
ٻگهڙ چيو، ’مهاراج توهان گهبرايو نہ، مان اِجهو ٿو
ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي اَچان. هوُ گولي ڪڍي توهانجي پير
ٺيڪ ڪري ڇڏيندو.‘
شينهن چيو، ’نہ نہ هاڻي منهنجي بچڻ جو ڪوئي آسرو
ناهي. مان ڪِن پل جو مهمان آهيان. تون منهنجي چنتا
نہ ڪر.‘
ايترو چوندي ئي شينهن سچ پچ مري ويو. اهو ڏسي
ٻگهڙ سوچيو ’اها ڳالهہ جهنگل جي سڀني جانورن کان لڪائجي
تہ بهتر. شينهن جي موُت جو مان ڇو نہ ڪين فائدو وٺان.‘
سو هن ڇا ڪيو جو شينهن جي ڇڳيءَ طرح سان کل لاهي
اُن ۾ ڀوسو ۽ وڻن جا پن وجهي بت ناهي تيار ڪيو ۽ شينهن
جي غفا جي منهن وٽ ئي شينهن جي بت کي بهاري ڇڏيو
پاڻ غفا کان ٿورو پريان ئي ٻهي رهيو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن
جانور جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ ر
اتان لانگهائو ٿيو. ايتري ۾ ٻگهڙ رڇ کي رڙ ڪري چيو



’ارڙي او رڇ، شينهن مهراج جو حڪم اٿئي تہ هن لاءِ ڪوئي ياري شڪار ڪري ڪٽي اچ. اڄ هو تو تي ڏاڍو غصي ۾ اٿئي.‘

اهو ٻڌي رڇ ويچارو ڏڪندو ويو ۽ وڃي هڪ شڪار ڪري ڪٽي آيو. ٻگهڙ ڇا ڪيو، اهو شڪار ڪٽي شينهن جي غفا ۾ ويو. سڄو شڪار اڪيلي سر کائي خوب خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ’واه جو موقعو مليو آهي. هاڻي شينهن جي نالي تي شڪار گهرائيندس ۽ بنا محنت جي ويٺي کائيندس.‘

وري ٻئي ڏينهن لومڙ اُتان لانگهائو ٿيو. وري لومڙ کي رڙ ڪري چيائين، ’ارڙي او لومڙ هيڏانهن اچ، شينهن تو تي تمام گهڻو ناراض آهي. جهٽ ڪر ڪن لاءِ ڪوئي تازو شڪار ڪري ڪٽي اچ.‘

سو لومڙ ويو ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ وڃي ٻہ ٽي سها ماري ڪٽي آيو.

ٻگهڙ اُهي بہ کائي ڏاڍو خوش ٿيو. اهڙيءَ طرح هر روز ٻگهڙ ڪنهن نہ ڪنهن جانور کي بيوقوف بڻائيندو رهيو ۽ پنهنجو پيٽ پاليندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن وري هڪ لومڙي اُتان لنگهي رهي هئي. تڏهن ٻگهڙ رڙ ڪري چيس، ’ارڙي لومڙي وڃ وڃي سڀني جانورن کي چئہ تہ شينهن مهراج جو حڪم آهي تہ اڄ سڀئي ڪنهن نہ ڪنهن جانور جو شڪار ڪري ڪٽي اچن. شينهن ڏاڍو غصي ۾ آهي ۽ هن مون ورت بہ رکيو آهي. سو ڪنهن سان بہ ڪين ڳالهائيندو پر شڪار جلد بہ جلد شينهن مهراج اڳيان پيش ڪيا وڃن.‘

اهو ٻڌي لومڙي هلي وئي ۽ رستي تي سوچيائين تہ هيءُ ٻگهڙ ضرور اسانکي بيوقوف بڻائي رهيو آهي. شينهن تہ هميشہ تازو شڪار کائيندو آهي. پيٽ پرجهڻ کانپوءِ باقي شڪار ڦٽو ڪري ڇڏيندو آهي. سو ايترا سارا شڪار شينهن مهراج وري ڇا ڪندو؟! رکيل ماس تہ بانس ڪري ويندو.

سياڻو بندر



نديءَ ڪناري هڪڙي وڻ تي،
هڪڙو باندر رهندو هو.
مست مزي ۾ ڳل ڳول ڪائي،
سندر سپنا لهندو هو.
مانگر مڇ هڪ يار هو ھن جو،
جنهن سان سچو پيار هو ھن جو،
ھن کي مٺڙا ڳل ڏيندو هو،
ھوءِ ئي هڪ دلدار هو ھن جو.
چاڙهي پٺيءَ تي باندر کي نت،
نديءَ سئر لاءِ ويندو هو،
مانگر مڇ پڻ ڳل ڳول ڪائي،
بيحد گد گد ٿيندو هو.
مانگر مڇ ڪجھ ڳل هڪڙي ڏينهن،
زال جي خاطر گهر ڪٽي آيو،

شينهن کيئن کائيندو. ان ۾ ضرور بگهڙ جي کا چال آهي
ائين تو لڳي ته اها بگهڙ جي ئي سياڻپ آهي. ايتر
سوچي هن جهنگل جي سڀني جانورن کي گهرايو ۽ سارو احوا
ٻڌايو. پوءِ سڀ جانور شينهن جي غفا ڏانهن ورانا ٿيا.
اُتي اچي ڏٺائون ته پريان بگهڙ بيٺو آهي سو بگهڙ کي چيائون
'اسانکي شينهن مهراج سان ملڻو آهي. ڪجهه پڇڻو آهي.
اِهو ٻڌي بگهڙ گهبرائجي ويو پر تنهن هوندي به کو
زُبان رکي هن رڙ ڪري چيو، 'مون توهان کي ٻڌايو آه
ته شينهن مهراج جو مؤن ورت رکيل آهي. هو ڪنهن سا
به ڪين ڳالهائيندو. هن مونکي ئي پنهنجو همدرد سمجه
حڪم ڪيو آهي ته مان هن جي اِڇا موجب توهان کي حڪ
ڏيان. توهان هتان هليا وڃو.'
پر لومڙيءَ جي چال ته ناڪامياب نه ٿيڻي هئي
بگهڙ کي چيائين، 'ته چڱو هڪڙو ڪم ڪر. شينهن مهر
رڳو ڪنڌ سان ئي ها يا نه جو جواب ڏئي، اسان کي قب
آهي.'
اها ڳالهه ٻڌي بگهڙ شينهن مهراج جي ڪن ۾ جي
ئي ڪجهه چوڻ لڳو تيئن شينهن کي هن جو هٿ لڳي و
۽ شينهن ڪري اچي پٽ پيو. اهو ڏسي سڀئي جانور سمجه
ويا ته شينهن ته مري چڪو آهي، هيءَ سڀ بگهڙ جي
چالاڪي هئي. پاڻ محنت ڪري شڪار ڪرڻ کان بچڻ
هن شينهن جي مرڻ جو فائدو ورتو آهي. پوءِ ته سڀ
جانور بگهڙ کي مارڻ لڳا خوب مار ڏنائونس ۽ چيائونس '
ڪانيوءَ توکي جهنگل مان نيڪالي ٿي ڏني وڃي.' اهو ٻ
بگهڙ جهنگل مان هليو ويو ۽ پنهنجي ڪيل ڪُڪرم تي ڏ
پشيمان ٿيو.

★★★★★

باندر پنهنجو عقل هلايو،
وچ نديءَ ۾ پڇيائينس هلندي،
’ڇا لاءِ ياپيءَ اڄ آ گهرايو.‘



مانگر مڇ سچو حال سڻايو،
زال کيو آ مونسان ماڻو،
دل تنهنجي آ مني ڦلن جي،
دل تنهنجي آ کيو ويڳاڻو.
کلي چيو ’اڙي مورکہ مانگر،
اُتي اهو تو ڇو نہ ٻڌايو،
دل وڻ تي انکيل آ منهنجي،
ناحق تو آ وقت وڃايو؟‘
مانگر مڇ جهٽ طرف مٽايو،
وڻ وٽ باندر کي پهچايو.
باندر ٽپ ڏئي وڻ تي وينو،
اُتان ويهي مانگر کي سڻايو،
’مڇ تون مانگر، جوءِ جو آهين،
ياريءَ کي تو خوب لڄائين،

باندر سان ياريءَ جو سمورو،
ڪال اڇي هن جوءِ کي سڻايو،
ڦل ڪائي جوڙس فرمايو،
’مٺن ڦلن آ من للچايو،
دل گهرجي باندر جي مونکي،
هوندو جنهن ۾ ميٺاج سوايو.‘
مانگر مڇ هن کي سمجهايو،
پنهنجو هرڪو حيلو هلايو،
زال جي آخر ضد جي خاطر،
باندر وٽ هو ڊوڙندو آيو.



چيائين ’باندر يار هلي آ،
هل ته هلي گهر ڪائون ماني،
منهنجي زال آ توکي سڏايو،
دير نه ڪر آءُ دلبر جاني.‘
مانگر مڇ جي پٺيءَ تي ويهي،

پوندوُ رام جي ڪڇٽي

هڪڙو ڇوڪرو هئو، جنهنجو نالو هو پوندو رام. ويچارو ڏاڍو ڀولو ڀالو هو، ياداشت بہ ڪجھہ گھٽ هئس. هڪ ڏينهن بزار ويو. پيٽ ۾ ڏاڍي بک لڳس، سو چڙهي ويو هڪ پڪوڙائيءَ جي دڪان تي. ويھڻ سان ئي پڪوڙا، پٽيز، پاو ڀاڄي، سموسا ويو ٻرڪائيندو. خبر تڏهن پئي جو اچي پيٽ ۾ سور پيس. هاڻي ويچارو پوندو ڪري سو ڪري ڇا؟ سو ويجهو ئي هڪ ڊاڪٽر جو دواخانو ڏٺائين ۽ وڃي ڊاڪٽر کي چيائين، 'ڊاڪٽر صاحب، مونکي ڏاڍو پيٽ ۾ سور آهي.'

ڊاڪٽر پڇيو، 'ڇا کاڌو اٿئي؟'

پوندو : 'سائين، جام مست مست شيون کاڌيون اٿم، پڪوڙا، پٽيز، سموسا، پاو ڀاڄي وغيره.'

ڊاڪٽر : 'اڙي تنهنجو نالو ڇا آهي؟'

پوندو : 'سائين پوندو رام.'

ڊاڪٽر : 'اڙي تون تہ آهين ئي پوندو، تنهنجي مائٽن سوچي سمجهي ئي تنهنجو نالو رکيو آهي. جيڏو ڪن ڪچرو کائڻ کانپوءِ بہ چوين ٿو تہ مست مست شيون کاڌيون اٿم. چڱو هاڻي ٻڌ، مان توکي دوا ڏيان ٿو، اهائي دوا کائج ۽ گھر ۾ وڃي هلڪو کاڌو کائج، صرف ڪڇٽي، اُن ۾ آهر وجهي ڏهيءَ سان کائج.'

پوندو : 'سائين پني تي لکي ڏيو نہ، مونکي ياد نہ پوندو.'

ڊاڪٽر : 'اڙي پوندو دوا پني تي لکي ڏبي آهي، ڪڇٽي نہ، ياد ڪندو وڃ، چئہ ڪڇٽي، ڪڇٽي، ڪڇٽي.'

اهو ٻڌي پوندو ڪڇٽي، ڪڇٽي، ڪڇٽي، ڪڇٽي، رٽيندو، دوا وٺي دواخاني مان ٻاهر نڪتو.

مطلب سان ڀر تنهنجو من آ،
تڏهن بہ خود کي تو يار سڏائين!'
مانگر شرم سان سِرُ جهڪايو،
دل ئي دل ۾ هن پڇتايو،
غلطيءَ جو احساس ڪري هن،
زال کي يار جو حال ٻڌايو.
ٻارو سکجو سبق اوهان ٻي،
سچي دوست کي متان وڃايو،
مطلب خاطر مانگر جيان،
پنهنجي ياري متان ڦٽايو.

★★★★★

جيئن ئي رستي تي تورو اڳيان ڪڇڻيءَ جي ڏن ۾ هلي رهيو هو تہ هڪ پٽر سان ٺابو کائي ڪري پيو ۽ هن کان ڪڇڻي ئي وسري ويئي. ڪہ اکر ياد رهيس. ڪہ ڪہ ڪا ڪا ڪاچٽي اچي ياد پيس سو چوندو پيو وڃي ڪاچٽي، ڪاچٽي، ڪاچٽي.

رستي تي هڪ کيتيءَ ۾ هاري پکين کي اڏائي رهيو هو. 'هر، هر، هر،' ڪري پکين کي اڏائي رهيو هو، پريان ئي پوندوءَ کي ٻڌائين، جيڪو چوندو پيو اچي 'ڪاچٽي، ڪاچٽي، ڪاچٽي،'

اهو ٻڌي هاريءَ سڏ ڪيس ۽ پڇيائين 'اڙي حيڏانهن اچ تہ ڇا تو چئين؟'

پوندوءَ وراڻيو، 'ٻائو مان تہ 'ڪاچٽي، ڪاچٽي' ٿو چوان.'

ڪسان چيو، 'تنهنجو نالو پوندو آهي ڇا؟'

پوندوءَ چيو، 'ها مان ئي پوندو آهيان.'

ڪسان چيس، 'تنهنجي ماءُ پيءُ سوچي سمجهي تنهنجو نالو پوندو رکيو آهي. اڙي پوندو، مان هت پکين کي اڏايان پيو تو ۽ تون تو چوين 'ڪاچٽي، ڪاچٽي،' منهنجي سڄي کيتي چٽي ڪائي وڃي تہ، منهنجو نقصان ڪير ڀري ڏيندو؟ ائين نہ چئہ، چئہ 'اُڏ چٽي، اُڏ چٽي، اُڏ چٽي.'

پوندو : 'ٻائو جيئن توهان چئو'، پوءِ چوندو هليو 'اُڏ چٽي، اُڏ چٽي، اُڏ چٽي.'

اڃان تورو اڳيان وڌيو تہ هڪڙو وڻن جي اوٽ ۾ ماري وينو هو جيڪو ڄار وڇهي ڏٺو ڦهلائي رهيو هئو جهرڪين کي (چٽيءَ کي) ڦاسائڻ لاءِ، اُن جو ٻڌو تہ هي ڇوڪرو 'اُڏ چٽي، اُڏ چٽي،' چوندو ٿو اچي سو هن سڏ ڪيس، پڇيائين، 'تون ڪير آهين.'

پوندو : 'منهجو نالو پوندو آهي.'

ماريءَ چيس 'اڙي تنهنجو نالو تہ تنهنجي پيءُ ماءُ سوچي سمجهي رکيو آهي، آهين بہ پوندو. مان وينو چٽين




KUKREJA

کي ڦاسايان، تون تو چوين ’اڙ چٽي، اڙ چٽي‘. چٽي نہ ڦاسندي تہ مونکي روئي کير کارائيندو. ھتان جو ھڪ چمار ھٽندوسانءِ تہ پيٽ مان ڪچٽي نڪري ويندءِ.‘

اھو ٻڌي پوندوءَ کي ياد آيو تہ ڊاڪٽر کيس ڪچٽي ئي چيو ھئو. سو ماريءَ کي چيائين، ’ياڻو مھرباني جو توھان مونکي ياد ڏياريو، مونکي ڪچٽي ئي کپندي ھئي، ڇا ڪريان پوندو آھيان نہ، ھرڪا ڳالھہ مونکان وسري ويندي آھي.

پوءِ ’ڪچٽي، ڪچٽي‘ چوندو اچي گھر پھتو. ماڻس پڇيس ’اڙي اھا ’ڪچٽي، ڪچٽي،‘ ڇاجي لڳائي وينو آھين؟‘

تڏھن پوندوءَ ٻڌايس تہ مونکي پيٽ ۾ سور آھي، ڊاڪٽر دوا بہ ڏني آھي، پر نرم کاڌو کائڻ لاءِ چيو اٿائين، ڪچٽي، آھر ۽ ڏھي.

ماڻس چيس، ’پٽ مان صدقي وڃانءِ، مان اجھو تي توکي ڪچٽي ٺاھي ڏيان، پوءِ تہ بس ھاڻي ’ڪچٽي، ڪچٽي،‘ چوڻ بند ڪر.‘

★★★★★


KUKREJA

لالچي ڇوڪرو

ٻارو اچو تہ اڄ مان توهانکي هڪڙي لالچي ڇوڪري جي ڪهاڻي ٻڌايان. هڪڙو ڇوڪرو روز ماتا امبي جي اُستتي سڪ پريم ۽ شرڌا سان ڪندو هئو. ڪيترن ئي سالن کان ماتا جو نالو وٺي روز ماتا کي ياد ڪندو هئو. ’جئہ ماتا جي‘، ’جئہ اَمبي‘، ’شيران واليءَ‘ جو جاپ ڪندو هئو. هڪڙي ڏينهن نيٺ ماتا ڇوڪري تي راضي ٿي ڪيس درشن ڏنو. مان شيران واليءَ کي ڏسي ڇوڪرو ڏاڍو پرسن ٿيو. هٿ جوڙي ماتا جي چرنن ۾ ڪري پيو. ماتا چيس، ’پٽ مان تنهنجي ڀڳتي ڀاو تي پرسن ٿي آهيان گهر جيڪي بہ گهرڻو اٿيئي. مان توکي فقط هڪ ئي وردان ڏيندس.‘

ماتا تہ ترڪال درشتي هوندي آهي. هوءَ سڀ ڪجهہ ڄاڻيندي آهي. هرڪنهن جي من جي ڳالهہ سمجهي ويندي آهي. سو ماتا سمجهي وئي تہ ڇوڪرو ڏاڍو لالچي آهي. تنهنڪري ڇوڪري کي هڪ ئي وردان ڏيڻ لاءِ چيو.

ڇوڪري هٿ جوڙي آدر سان جواب ڏنو، ’ماتا مونکي اهڙو ڪو وردان ڏيو جو مان جيڪي بہ جڏهن بہ گهران سو مونکي ملي وڃي.‘

ماتا هن جي شڪل غور سان ڏٺي ۽ مسڪرائيندي چيو، ’پٽ مان توکي وردان ڏيان ٿي مگر جيڪي ڪجهہ توکي ملندو، تنهنجي پاڙي وارن کي اُن کان ٻيڻو ملندو.‘

ڇوڪري سوچيو ’مونکي پاڙيوارن سان ڇا ڪرڻو آهي. اُنهن کي ڀلي ڪجهہ بہ ملي!‘ اهو سوچي ماتا کي چيائين، ’ماتا مونکي منظور آهي.‘

اهو ٻڌي ماتا چيس، ’تٿا اَستو ائين ئي ٿيندو.‘

ڇوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو ايتري قدر جو ڪپڙن ۾ ئي نٿي ماپيو.

ماتا تہ وردان ڏيئي الوپ ٿي ويئي.



ڀڳت اِشنان پاڻي ڪري ماتا کي عرض ڪيو تہ ’هي ماتا مونکي هڪ لک رپيا ڏي.‘

هن کي هڪ لک مليو تہ پاڙيوارن کي ٻہ ٻہ لک مليا.

وري عرض ڪيائين، ’ماتا منهنجي هن جهوپڙيءَ کي محل بڻائي ڇڏ.‘

ماتا هن جي جهوپڙيءَ کي محل بڻائي ڇڏيو. پاڙيوارن جا ٻہ ٻہ محل ٺهي ويا.

اِهو ڏسي ڀڳت حيران ٿي ويو، سوچڻ لڳو ’ڀڳتي ڪئي مون، پر فائدو وري پاڙيوارن جو ٿي رهيو آهي! اِها تہ چنتا جي ڳالهہ آهي خير مان بہ پاڙيوارن کي ڏسي وٺندس.‘

وري بہ چار ڏينهن گذريا تہ ڀڳت چيو، ’هي ماتا مونکي هڪ ڪار بہ ڏئي ڇڏ.‘

يڪدم هن جي در تي هڪ ڪار اچي ويئي ۽ پاڙيوارن جي در تي ٻہ ٻہ ڪاريون اچي ويون.

اِهو ڀڳت کان سهن نہ ٿي سگهيو. دل ۾ خيال ڪيائين ’هاڻي مان پاڙي وارن کي سبق سيکاريان. منهنجي ڀڳتيءَ جو باقي ڪهڙو فائدو؟‘

سو ماتا کي ياد ڪري چيائين، ’هي ماتا منهنجي هڪ اک ڪڍي وٺ.‘ پاڙي وارا سڀ انڌا ٿي ويا.

وري چيائين، ’هي ماتا منهنجي هڪ ٽنگ بہ ڪٽي ڇڏ.‘

پاڙي وارن جون ٻئي ٽنگون ڪٽجي ويون. سڀ ليٽڙيون پائي پيا هلن.

وري چيائين، ’منهنجي هڪ ٻانهن ڪٽي ڇڏ.‘

ڀڳت جي هڪ ٻانهن ڪٽجي ويئي پاڙي وارا سڀ لولا ٿي ويا. هاڻي پاڙي وارن کي نہ اکيون، نہ ٻانهون، نہ ٽنگون. ويچارا پنهنجي گهر ۾ پيا سڀ ريڙهيون پائن. نہ ڏسي سگهن، نہ ڪجهہ ڪٽي سگهن ۽ نہ هلي چلي سگهن. سڪ ۾ تہ ڪوئي بہ ڀڳوان کي ياد نہ ڪندو آهي پر هن

ماتا جي، جئہ ماتا جي،' جي آوازن سان سارو ماحول گونججي ويو. آحڙي آهي ڪروڻامئي ماتا جئہ اَمبي، جئہ جگدمبي.

خوشيءَ جي خوراڪ

زال - مونکي پنجاھ هزارن جي ضرورت آهي.

مڙس - مونکي پڻ پنجاھ هزارن جي سخت ضرورت آهي.

زال - توکي وري ايترن رپين جي ضرورت ڇو پئي آهي؟

مڙس - توکي ڏيڻ لاءِ.

★ ★ ★

هڪ ماڻهو ٻئي کي ماري رهيو هئو تہ ٻئي ماڻهوءَ پڇيس، 'اَڙي ڀائي تون هنکي مارين ڇو پيو؟'

هن ماڻهوءَ کي جواب ڏنو، 'سائين هن مونکي گڏھ چيو هو.'

'هن توکي ڪڏهن گڏھ چيو هو؟'

'هفتو اڳ.'

ٻيو ماڻهو، 'پوءِ هن کي مارين اَڄ ڇو.'

پهريون ماڻهو، 'سائين اَڄ مون جڏهن گڏھ کي ڏٺو تہ مونکي ڳالھ ياد اَچي ويئي.'

★ ★ ★

هڪ ماڻهوءَ مئنيجر کان پڇيو، 'سائين توهان ڪنوارن ماڻهن کي ڪم تي ڇو ڪين رکندا آهيو؟'

تڏهن مئنيجر چيو، 'شادي شده ماڻهن کي ڪڏهن بہ دٻ ڪيندو آهيان تہ ويچارا چپ چاپُ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندا آهن. ڪنوارن کي اِن ڳالھ جو آزمودو ئي ڪونہ هوندو آهي.'

★ ڪرن جيسواڻي

قسم جي دک ۾ ته سڀ 'جئه ماتا جي، 'جئه ماتا جيءِ' جو جاپ ڪرڻ لڳا. ماتا جا گيت ڳائڻ لڳا.

هوڏانهن ڀڳت جي من کي اچا شانتي ڪين ملي. سو وري ماتا کي عرض ڪيائين، 'هي ماتا منهنجي گهر ۾ هڪ ڪوه ڪونهي ڇڏ.' هن جي گهر ۾ هڪ ڪوه ته پاڙيوارن جي گهر ۾ ٻه ٻه ڪوه ٿي ويا. جيڪي به ريڙهيون پائي ٻاهر نڪرن سي سڀ ويا پئي ڪوه ۾ ڪرندا. پاڙيوارا ماتا کي سڪ ۽ شرڌا سان ٻاڏائڻ لڳا، 'هي ماتا، هي ڪهڙو قهر آهي جو هڪ جي ڪري سڄو شهر ڀيو پوڳي. ماتا هاڻي اچ ۽ اچي اسان جا ڪشٽ دور ڪر نه ته اسين مري ويندا سين. ماتا ته آهي ئي ڪروڻامئي، ديالو، ڪرپالو سو جهٽ ۾ ڀڳت وٽ آئي ۽ چيو، 'اڙي ڀڳت، تون ته ڏاڍو مورک آهين جو سڄي نگر کي ڪٽي لولو، لنگڙو، انڌو بڻايو آهي. مونکي اڳ ئي خبر هئي ته تون مها لالچي آهين تڏهن ته مون توکي اهڙو وردان ڏنو هئو. هاڻي ٻڌ، هن کان پوءِ اهڙي ڪا به حرڪت نه ڪجانءِ. مان توکي هر قسم جي سک سويڌا ڏيان ٿي مگر پاڙي ۾ ڪنهن کي به پريشان نه ڪجانءِ. هي سڀ تنهنجي ڪري ٿيو آهي. اهو ڪم ڪجي جنهن مان ڪنهنکي به ڪوئي نقصان نه پهچي. تنهنجي ڪري ته سارو نگر ئي اپاهج ٿيو آهي. اها ڳالهه انسان ذات لاءِ شرمناڪ ڳالهه آهي. هميشه ڪوئي به ڪم ڪجي ته اُن ۾ ڪنهن کي ڪڏهن به نقصان نه پهچڻ گهرجي. پاڙي اوڙي جي شيوا ئي سچي ڀڳتي آهي. هاڻي هن کان پوءِ مان توکي وردان ٿي ڏيان جيڪو تون گهرندين سو توکي ئي ملندو، پر هميشه ٻين جي سک دک جي خيال رکي مونکان گهرجانءِ.'

اِهو چئي ماتا ديا جي نظر پاڙي وارن مٿان ڦيرائي، هٿ کڻي سيني جي مٿان رکيو پوءِ ته سڀ پاڙيوارا نوان سوان ٿي ويا. سڀ ماتا جي چرنن ۾ ڪري پيا. 'جئه

هر مشڪل کي سر تي ساهي،
ڪين ڪڏهن پئي تو تي ڊنو.

تنهنجون پلايون، ڪين ڪي پلبس،
تو تان پنهنجو ساهه مان ڏيندس،
پر افسوس اهو ئي رهندو،
تنهنجا ٽورا لاهي نه سگهندس.

★★★★★

ڪلجونه

(۱) هڪ ماڻهوءَ جي گهر ۾ چور گهسي آيو. جيئن ئي چور مال ٻڌي ڪٽي رهيو هئو تيئن گهر جي مالڪ جي ننڊ کلي پيئي. هن چيو، 'چپ چاپ سارو سامان ڪبٽ ۾ رک.' چور جواب ڏنو، 'سارو چو؟، اڌ ته تنهنجي پاڙيسريءَ جو آهي.'

★ ★ ★

(۲) هڪ ٻار ۲۵ پئسي جو سِڪو وات ۾ ڳرڪائي ويو. سندس ماءُ رڙيون ڪري مدد لاءِ ماڻهن کي سڏ ڪرڻ لڳي. اوچتو هڪ ماڻهو آيو ۽ هن ٻار کي اُلٽو ڪري ڳچيءَ وٽ آهستي ڌڪ هنيو ۽ ٻار جو سکو اڇي ٻاهر ڪريو. تڏهن ٻار جي ماءُ اُن ماڻهوءَ کان پڇيو، 'ڇا توهان ڊاڪٽر آهيو؟ ماڻهوءَ جواب ڏنو، 'نه مان انڪم ٽئڪس آفيسر آهيان.'

★ ★ ★

(۳) هڪ : ٻار ماءُ جي لولي ٻڌي سمهي ڇو پوندو آهي؟
ٻيو : لولي ٻڌي ٻڌي بور ٿيندو آهي، تڏهن سمهي پوندو آهي.

— ڪرَن جيسواڻي.

منڙي ماتا



منهنجي منڙي ماتا، تنهنجي، کهڙي کريان
وڏائي؟
تو مت ناهي جڳ ۾ ڪوئي، جاچي ڏٺي خدائي،

ممتا تنهنجي آ سڀ کان نياري،
آهي تنهنجو پيار عجيب.
تون سمجهين ٿي سک دک منهنجو،
تون ئي منهنجو آنهن طبيب.

منهنجي خاطر منڙي ماتا،
ڪڏهن تو رات کي رات نہ سمجهيو،
منهنجي شيوا ۾ تو ڪڏهن،
ڏينهن کي پڻ ڏينهن نہ سمجهيو.

منهنجي مشڪل تي تو ٿي مشڪيو،
منهنجي دک ۾ تو ٿي رنو،

ابلائن جي عزت جي خاطر،
ڪندس مان آرپڻ پنهنجي جان،
پرواھ ناهي جي نہ رهيس مان،
منهنجو رهندو نانءُ نشان،
ممي مان آهيان وير جوان،
رکندس ديش پنهنجي جو شان.

هر مشڪل کي منهن مان ڏيندس.
ظالم کي مان پاڙان پٽيندس،
هيڻن جو همراھ بڻي نت،
مددگار هر حال مان ٿيندس،
آهي اُداسي منهنجي نظر ۾،
اُوچ نيچ سڀ هڪ ئي سمان،
ممي مان آهيان وير جوان.

★★★★★★

وير جوان



ممي مان آهيان وير جوان،
رکندس ديش پنهنجي جو شان.
دشمن کي قدمن سان ڪُچلي،
پائيندس مان اوچو استان.

دشمن جي دم دڙڪي کان مان،
ڪڏهن ڪين کي ماتا ڏکندس،
آنڌيءَ ۽ طوفان جي آڏو،
ڪڏهن ڪين کي ماتا رکندس،
مان اُن ديش جو ٻالڪ آهيان،
جو آ دنيا ۾ مهان.
ممي مان آهيان وير جوان،
رکندس ديش پنهنجي جو شان.

سڀ تان ڪندس مان سر قربان،
اهو آ منهنجو ڌرم ايمان.


KUKREJA

رَگھوُ شڪاري

هڪڙو راجا هئو، جنهن کي پنهنجي محلات کي جانورن جي کلن سان سجائي، سينگاري رکڻ وڻندو هئو. هن جي محلات ۾ اَنيڪ قسمن جي جانورن جون منڍيون ۽ کلون لڳل هيون. هرڻ، چيتا، بگهڙ، شينهن، رِڇ وغيره جون کلون لڳل هيون. هن جو محل ڏسڻ لاءِ هنجا ڪيترائي متر ۽ دوست ايندا هئا ۽ هنجي سجاوٽ جي سڀ ساراهه ڪندا هئا. پنهنجي ساراهه ٻڌي هو من ئي من ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هئو. هن وٽ شڪار جي ڪم لاءِ خاص رَگھوُ شڪاري هوندو هئو، جيڪو هر روز جنهن به جانور جو شڪار ڪندو هئو، سو اَچي راجا اَڳيان پيش ڪندو هئو.

هڪ ڏينهن رَگھوُ شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ ويو. سارو ڏينهن ڀٽڪيو مگر ڪوبه جانور نظر ڪين آيس. ٿڪجي ۽ اُڃ ۾ وياڪل ٿي هڪ وڻ هيٺيان ويهي رهيو. دل ۾ سوچي رهيو هئو ته اَڄ جو ڏينهن ڪيترو نه منحوس آهي جو ڪو به شڪار سامهون اَچي ئي نٿو. اهو سوچيندي سوچيندي اَچي سانجهي ٿي. سِج لهڻ لڳو، اونده ٿيڻ لڳي. دل ۾ سوچيائين 'اَڄ مان راجا کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟' اجان اِهو سوچي ئي رهيو هئو ته شينهن جي گجگوڙ ٻڌائين. دل کي آٿت ٿيس 'واهه! اڄ ته راجا کي شينهن جي کل ڏئي هن کي مان راضي ڪندس ته من گھريو اِنعام پڻ گهرندوسانس.' اهو من ۾ سوچي ئي رهيو هئو ته ٻئي طرف کان رِڇ کي ايندو ڏٺائين. پوءِ ته سوچڻ لڳو 'واهه! اَجوڪو ڏينهن ته تمام سنو آهي جو ٻه ٻه شڪار سامهون اَچي ويا آهن.' ڀڳوان جا شڪرانا مڃڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو 'هي پريو پرماتما، تو اَڄ منهنجي مٿان وڏي ڪا مهر ڪئي آهي جو رِڇُ ۽ شينهن ٻئي شڪار لاءِ موڪليا اَٿئي.' رَگھوُ پنهنجي ويچارن ۾ ئي وينو هئو ته شينهن ۽ رِڇَ جي پاڻ ۾ جنگ

روانو ٿي چڪو هئو. گهر ۾ زال ۽ پٽن کي نه ڏسي چنتا ۾ پئجي ويو ۽ وار وار ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ’هي پريو، سڀ سکه ڪجانءِ.‘

رَگهوءَ جي زال پنهنجي ڳولها جاري رکي. ڳولهيندي رهي، ڳولهيندي رهي پر رگهو ڪٿس نه مليو. پر اوچتو کي سامهون هڪ شينهڻي ۽ اُن جي ٻچي کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺائين. اِهو ڏسي ڏاڍو گهبرائجي ويئي. ٻارن کي چيائين اکيون بند ڪري ڀڳوان کي ياد ڪريو ته جيئن آئي مصيبت ٽري وڃي. ٻار به ڏاڍا ڇڻيوان هيس. اکيون بند ڪري ڀڳوان کي ياد ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ ڀڳوان ڀيو ڪرشمو ڪري ڏيکاريو، جو شينهڻي ۽ سندس ٻچو چُپ چاپ پنهنجي وات وٺي هليا ويا. ٿوري وقت بعد جيئن اکيون کوليائون ته ڇا ڏسن ته شينهڻي ۽ سندس ٻچو غائب آهن. اِهو اسرار ڏسي ڀڳوان جا شڪرانا مڃڻ لڳا ۽ سڌو گهر ڏانهن روانا ٿيا. جيئن گهر پهتا ته سندن مالڪ رَگهو ڏاڍو پريشان ويٺو هئو.

رگهوءَ جي زال پنهنجي پتي رَگهوءَ کان پڇيائين، ’سائين ڇا ٿيو توهان ڪلهه رات ڪٿي هئا. ڏاڍا ٿڪل ٽٽل پيا لڳو سڪه ته آهي نه؟ رَگهوءَ ساري ڳالهه پنهنجي پتنيءَ کي ٻڌائي ۽ پرڻ ڪيائين ’مان اڄ کان پوءِ شڪار ڪين ڪندس. شڪار ڪرڻ آهي جيو - هتيا. جيو - هتيا مهاپاپ آهي. مان اڄ ڏينهن تائين جن گهڻن جانورن کي ماريندو آيو آهيان. اڄ انهن ئي منهنجي جان بخشي آهي. مان اڄ کان پوءِ سدا سچ جو ئي سؤدو ڪندس ۽ نيڪ اِنسان بڻجندس. ٻارن کي پڻ سچ جي راهه تي هلڻ جو سبق سيکاريندس.‘

راجا رَگهوءَ جي انتظار ۾ ٻه ٽي ڏينهن ڏنو، مگر رَگهوءَ وري واپس نه آيو ته راجا کي غصو آيو ۽ چار سپاهي موڪلي هن کي پنهنجي دربار ۾ گهرايائين ۽ ڪروڌ ۾ اچي پڇيائينس، ’اڙي رَگهو تون آهين ڪٿي، شڪار ڪيل جانور

شروع ٿي ويئي. ٻئي هڪ ٻئي مٿان حملو ڪري وڙهڻ لڳا، اِهو ڏسي رَگهوُ گهبرائجي ويو ۽ جهٽ وڃي وڻ جي مضبوط ٽاريءَ تي ويهي رهيو. رِڇَ ۽ شينهن جي لڙائي ڪيتروئي وقت هلندي رهي، آخر رِڇُ ٻه اُن ئي وڻ تي چڙهي ويو جتي رَگهوُ وينو هئو. رَگهوءَ جو ساهه اَچي مُٺِ ۾ ٿيو. ڇاڪاڻ ته جنهن وڻ تي وينو هئو. اَن وڻ تي نانگَن ۽ بلائن جا گهر هئا. چوڏاري نانگ ۽ بلائون ڏسي پريشان ٿي ويو، سوچيائين ’هاڻي جيڪڏهن اَچا ٻه مٿي ٿو وڃان ته نانگ بلائون ڏنگي ماري ڇڏيندا.‘ سو اَکيون بند ڪري ويهي ڀڳوان کي ياد ڪيائين ۽ دل ۾ نشچو ڪيائين ’اَڄ جيڪڏهن منهنجي جان بچي ته مان شڪار ڪڏهن ڪين ڪندس.
مان ڀڳوان جو ئي فقط سمرڻ ڪندس. پريو پرماتما ئي منهنجو رکشڪ آهي.‘ پوءِ ايڪانت ۾ پريوءَ جي سمرن ۾ اينترو ته لين ٿي ويو جو ڪيس خبر ئي ڪين پيئي، ساري رات وڻ تي وينو رهيو. نانگ بلائون هن جي مٿان ٿي هلنديون ويون ۽ شينهن ٻه ڀڄي ويو ته رڇ ٻه ڀڄي ويو. صبوح جو سوير جيئن ئي سڄ جا ڪِرڻا نڪتا ته رَگهوءَ جي اَک ٻه کُلي، جان ڪٽي اَکيون کولي ڏسي ته نه رڇ آهي نه وري شينهن آهي ۽ نه وري نانگ بلائون ئي آهن. اِهو هڪ قدرت جو ڪرشمو هئو جو سڀيئي غائب ٿي ويا. اِهو ڏسي هن جو ايشور ۾ پورڻ وشواس ٿي ويو. دل ۾ چيائين ’هي ڀڳوان، تون اَڄ منهنجي جان بچائي آهي، مونکي نئون جنم ڏنو آهي، مان تنهنجو شڪر گذار آهيان، مان اَڄ کانپوءِ فقط تنهنجو ئي ڀڄن ڪندس. تنهنجو ئي سمرن ڪندس.‘

هوڏانهن رگهوءَ جي زال ڏاڍو پريشان رهي. هن ويچار ڪيو ته اَڄ ڏينهن تائين ڪڏهن ڪٿي رات رهڻ وارو ئي ڪونهي، ڀڳوان ڪري سدا حيات هجي. سائينءَ جو نالو وٺي ٻن پٽن سميت رَگهوءَ جي ڳولها ۾ نڪري پئي. جهنگل جو چپو چپو ڳولهڻ لڳي. مگر رَگهوءَ ته اڳ ئي گهر لاءِ

ڪتي آهن. مان اُنهن کي ڏسڻ لاءِ منتظر آهيان. رَگهوءَ
يوراڻيو، ’مهاراج مونکي معاف ڪريو مان اَڄ کان پوءِ جيو
.. هتيا ڪين ڪندس. جيو ته گگدام آهن، هنن ۾ پڻ
پرپوءِ جي آتما آهي. هنن ۾ پڻ سائين سمايل آهي.
پوءِ سائينءَ کي مان ڪيئن ماري سگهندس. پوءِ هن پنهنجي
سچي ڳالهه راجا کي ڪري ٻڌائي. اِهو سڀ ٻڌي راجا
کي تپرس لڳو، حيراني ٿي. مگر ايشور جي ڪرشمي تي
هن کي پڻ دل ۾ رَگهوءَ لاءِ رحم جاڳيو ۽ رَگهوءَ کي ڇڏي
ڏنو. رَگهوءَ کي چيائين، ’رَگهوُ اَڄ کان پوءِ تون شڪار نه
ڪج، مان توکي پنهنجي محل ۾ ئي وزير مقرر ٿو ڪريان.
تو جهڙن نيڪ دل انسانن سان منهنجو راڄ به قائم دائم
رهندو.‘

اهو ٻڌي رَگهوُ گد گد ٿيڻ لڳو ۽ خوش ٿي وڃي سمورو
احوال پنهنجي زال سان ڪيائين. نيڪيءَ جي راهه وٺڻ
سان رَگهوءَ جي زندگي نئي پيئي. ڪيس مانُ سنمان مليو
۽ آخر ۾ هن پنهنجو جيون سٺن ڪمن ۾ گذاريو. پرشارٿ
جي ڪمن ۾ گذاريو ۽ سنسار جو سچو سک ماڻيو. ته ٻارو
ڪنهن به جيو کي مارڻ، ستائڻ، تنگ ڪرڻ پاپ آهي.
سيني پراڻين سان پيار ڪريو، پراڻين جي يتاشڪتي شيوا
ڪريو، پکين کي پاڻي ۽ داڻو نيم سان ڏيندا ڪريو، ڳائين
۽ ٻين جانورن سان پڻ پيار محبت سان هلو اِهو ئي ثواب
جو ڪم آهي. پنج جو ڪم آهي.



ٻگهڙ جي ٻُرائي

هڪ دفعي هڪ شڪاري جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ آيو. سامهون هڪ ٻگهڙ کي ڏٺائين. هن پنهنجو گهوڙو ٻگهڙ پنيان ڊوڙايو. ٻگهڙ به ڊوڙندو ڊوڙندو اچي هڪ وڻ وٽ پهتو. وڻ تي هڪ طوطو رهندو هئو. طوطو ٻگهڙ جو دوست هئو. ٻگهڙ ڏاڍو گهبرايل هئو. سو طوطي کي چيائين، 'اي دوست، منهنجي جان خطري ۾ آهي منهنجي پنيان شڪاري پيو آهي. اهڙي ڪا جڳهه ٻڌاءِ جتي مان وڃي لڪان.'

طوطي چيس 'سامهون هڪ غار آهي اُتي منهنجو دوست لومڙ رهندو آهي. تون هن وٽ وڃ هو توکي غار ۾ لڪائيندو.'

ٻگهڙ جو منهن لهي ويو، چيائين 'لومڙ منهنجي مدد ڪڏهن به ڪين ڪندو. ڪجهه ڏينهن اڳ مون سندس پيءُ کي ماريو هئو.'

طوطي چيس، 'چڱو پلا پريان هڪ وڏو پپل جو وڻ آهي، اُتي هڪ چبرو رهندو آهي. هو پڻ منهنجو دوست آهي. تون هن وٽ وڃ هو تنهنجي مدد ضرور ڪندو.'

ٻگهڙ ورندي ڏيندي چيو، 'چبرو به مونکي مدد ڪونه ڪندو، ڇاڪاڻ ته مون ڪيترائي دفعا هن جي ٻچن کي ماريو آهي.'

طوطي چيس، 'چڱو پلا، تورو پريان وڃ اُتي منهنجو دوست سهو رهندو آهي. اُهو تنهنجي ضرور مدد ڪندءِ.'

ٻگهڙ چيو، 'اهو به منهنجي مدد ڪونه ڪندو مون ڪجهه ڏينهن اڳ هنجي ٻچڙن کي به کاڌو هئو. هاءِ! افسوس جو مون ڪنهن سان به ڪين رسايو آهي. هيئنر منهنجي مدد ڪير ڪندو؟' ايتري ۾ شڪاري اُتي اچي پهتو ۽ ٻگهڙ ڏانهن تير ڇوڙيائين ٻگهڙ هيٺ گهايل ٿي ڪري پيو ۽ مرڻ کان اڳ چيائين، 'ڪنهن سان به برائي ڪرڻ نه گهرجي.' اِهو چئي ٻگهڙ مري ويو.


KUAREJA


پمن پيتي

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو رامونءَ نالي هاري رهندو هئو. هن کي هڪڙو ئي پٽ هئو، پمن. پمن ڪم ڪار ڪجهه نه ڪندو هئو. پنهنجي پيءُ جي ڪم ۾ هٿ به ڪين ونائيندو هئو. هن کي صرف فڪر هوندو هئو ڪاڏي جو ۽ سمهڻ جو. ڪائي سمهندو هئو ۽ ننڊ مان اُٿي وري ڪاڏو گهرندو هئو. هن جي ماءُ به هن لاءِ هر وقت ڪاڏو تيار رکندي هئي. ڪائي پي مست رهندو هئو. ڪائي ڪائي ٿلهو به ٿي پيو هئو تنهن ڪري ڳوٺ جا سڀ ماڻهو هن کي 'پمن پيتي' چوندا هئا.

پمن جو اهڙو حال ڏسي رامونءَ کي ڏاڍو غصو به ايندو هئو مگر هن جي ماءُ طرفداري ڪندي سدائين پمن کي بچائي وٺندي هئي. هڪ دفعي برسات نه پوڻ ڪري کيتيءَ جو ڪم به گهٽجي ويو اِهو ڏسي رامونءَ پنهنجي زال کي چيو، 'هاڻي کيتيءَ جو ڪم بند ڪري هلُ ته شهر ۾ هلي ڪا نوڪري ڪجي نه ته ته هتي ته گذران ٿيڻ ڏکيو آهي وري هي ساڻ 'پمن پيتي' به لڳل آهي جو چئن ماڻهن جي روٽي هڪڙو ئي ڪائي ڪپائي ٿو وڃي.'

رامونءَ جي زال به مڙس جي ڳالهه بڌي چيو 'جيڪا توهان جي مرضي مان توهان سان گڏ جتي به چئو هلڻ لاءِ تيار آهيان.'

آخر رامونءَ پنهنجي ڪپڙن جي حڙ بڌي، ڪاڏو وغيره رستي لاءِ ڪٽي ڳوٺ ڇڏي ڪٽنب سميت شهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي تي گهاٽو جهنگل هئو. رات به ٿي رهي هئي. اونداهي رات ۽ ڪچو رستو هلندي هلندي ٿڪجي پيا. سو رامونءَ چيو 'هاڻي ته سامهون اونده جي ڪري ڏسڻ ۾ به ڪجهه نٿو اچي. صبوح جو هلڻ شروع ڪريون، بکه به ڏاڍي لڳي آهي. پر پاڻي ته آهي ئي ڪونه. مان وڃي



منهنجو پيٽ بہ ڀرجي ويندو، تون بہ شاهوڪار ٿي ويندين!‘

اهو ٻڌي رامونءَ چيس، ’هي وٺ پنهنجي پئسن جي ٻدڙي (ڳوٿري) مونکي نہ گهرجي. مونکي پٽ جو سؤدو نہ ڪرڻو آهي، مونکي هڪ ئي پٽ آهي، سو بہ تون ڪاٺي وڃين تہ مونکي ٻڍاپي ۾ ڪير سهارو ڏيندو؟ اهو سؤدو مان نہ ڪندس.‘

ڀوت چيو، ’پر مان ڀوت آهيان، جيڪو سؤدو ڪيم سو ڪيم وري پئسا واپس مان نہ وٺندس ۽ ٻڌ، تون هن کي ننڊ مان اُٿار، مان سمهيل کي ڪين کائيندو آهيان، اهو منهنجو اُصول آهي.‘

رامونءَ چيو، ’پر مان سؤدو ئي نٿو ڪرڻ چاهيان تہ ننڊ مان ڇو اُٿاريانس. پر هو هاڻي اُٿندو بہ ڪين. هو ڪاٺي پي سمهيو آهي، ٻڌين نٿو ڪيئن پيو کونگهرا هڻي.‘

ڀمن پيٽيءَ جي ماءُ بہ روئڻ لڳي، روئندي چيائين، ’هي ڀوت! تون منهنجي پٽ کي ڇڏ، ڀلي تون مونکي کاءُ.‘

ڀوت چيو، ’مان ناريءَ کي نہ کائيندو آهيان، مونکي ٻيرا جوان وڻندا آهن.‘ تون مان ڪري ويهہ، جيڪڏهن توهان هن کي نٿا اُٿاري سگهو تہ مان ٿو اُٿاريانس.‘

پوءِ ڀوت ويو جهنگل ۾، هاٿيءَ کي وٺي آيو، ڀمن کي اُٿارڻ لاءِ. هاٿيءَ چا ڪيو جو پاسي ۾ پاڻيءَ جو نالو هئو، اُتان پاڻي پنهنجي سونڍ ۾ ڀري آيو، سو اڇي ڀمن جي مٿان ڦٿو ڪيائين، پر ڀمن تہ ڳهري ننڊ ۾ هئو، هن جو اُٿڻ ڏاڍو ڏکيو هئو. وري ڀوت ويو وڃي جهنگل مان جهنگل جي راجا شينهن کي وٺي آيو. شينهن بہ هن جي ڪن ۾ ڏاڍي گجگوڙ ڪئي. پر مجال آهي جو ڀمن ننڊ مان اُٿي. هاڻي ڀوت کي غصو اچي ويو سو پاڻ ئي هن کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڀمن نہ اُٿيو. ايتري ۾ صبوح ٿيڻ لڳو. سورج جا ڪرڻا وڻن جي وچ مان نڪرڻ لڳا، ڀوت بہ صبوح جي سج کي ڏسي ڏڪي ويو، سو رامونءَ کي چيائين،

پئيءَ جو بندوبست ڪري اچان ٿو.'

سو رامون ويو پاڻي ڪڻڻ ۽ سندس زال سمهڻ لاءِ چادر وجهڻ لڳي. ايتري ۾ پمن ڇا ڪيو جو ڪاٺي جو دٻو کولي ويهي رهيو کائڻ. سڀ ڪاٺو کائي پورو ڪري ڇڏيائين. رامون جيئن ئي ڪاٺي لاءِ تيار ٿي وينو مس ڏسي ته ڪجهه آهي ڪونه سڀ ڪاٺو خلاص لڳو پيو آهي، تڏهن چيائين، 'اڙي ڀاڳوان هي ڪاٺو ته سڀ پمن کائي ويو هاڻي تون ۽ مان ڇا کائينداسين؟' پمن ماءُ چيس، 'نهيو هاڻي کائي ويو ته سڪ، اسين پاڻي پي ئي گذران ڪنداسين هڪڙوئي ته پٽ آهي. کائي ويو ته ڇا ٿيو. اسان جو ئي ته پٽ آهي نه؟'

رامونءَ وراڻيو، 'ها ها، ڇو ڪين. هڪڙو ئي پٽ آهي ته پل اسان کي به کائي وڃي. ڀڳوان اسانجي ٻڌي به ڪونه ٿو. هن پٽ جو مان ڇا ڪريان؟ جيڪو ڪم جو نه ڪار جو، دشمن اناج جو.'

پمن ته روئي کائي سمهي پيو ڪن پل ۾ کونگهرا به هڻڻ شروع ڪري ڇڏيائين. هن کي گهري ننڊ اچي ويئي.

رامونءَ چيو، 'ڏس ته سهين ڪيئن ته کونگهرا ٿو هڻي، جڻ گهوڙا وڪڻي سمهيو آهي. هي ڀڳوان! هنکي ڪا سمجهه ڏي يا ته وري ڪا ناڻي جي پيري ڏي ته هنکي ويهي رکو کارايان.'

ايترو چيائين مس ته اوچتو وڻ مان هڪ بدڙي اچي مٿان ڪري، جنهن ۾ هيرا جواهر، سون ۽ روڪڙ پئسا هئا. اهو ڏسي رامون حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چوڻ لڳو، 'شايد منهنجي مالڪ ٻڌي آهي جو هيترو سارو ناڻو مليو اٿم.'

ايتري وقت ۾ هڪ ڀوت وڻ تان ٽپو ڏئي هيٺ لٿو ۽ چيو، 'اها ڪنهن مالڪ نه مون ئي ڦٽي ڪئي آهي، اها تنهنجي لاءِ ئي آهي، مان توسان سؤدو ڪرڻ ٿو چاهيان ته مونکي هن موتومل کي کائڻ ڏي، هن ۾ ماس به جام آهي،

اُهو ٿلهو متارو ٻمن ڪٿي آهي؟‘
رامونءَ وراڻيو، ’پوٽ سائين هاڻي هي ڪاڏو بہ گهٽ کائيندو آهي ۽ مونسان گڏ سڄو ڏينهن کيتيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي، تنهنڪري هيءُ سنهڙو ٿي ويو آهي.‘
اها ڳالهہ ٻڌي پوٽ خوش ٿيو، چيائين، ’بس مونکي هن کي نہ کائڻو آهي، مان هن جي محنت تي خوش ٿيو آهيان.‘
ائين چئي پوٽ هليو ويو ۽ کائڻ ڏنل پئسن جي هڙ بہ واپس کين ڏيريائين، تنهنڪري ٻارو ڳيٽو کائڻ صحت لاءِ تہ ڏاڍو خراب آهي ئي پر سرير کي پڻ بي ڊؤلو بڻائي ٿو، پوءِ ماڻهو ٻمن وانگر ’ٻمن پيٽي‘ چئي چيڙائيندا.

★★★★★

’اُف! منهنجي ٻه ائين ئي رهجي ويئي. ڇٺو هاڻي پنهنجي ٻوٽ وچ، اُتي وچي سٺي نموني ڪيتي ڪر، مان وري مٿي ڪانپوءِ ٻوٽ ۾ ايندس، پوءِ اُتي هن پمن کي ڪائيندس. اهو اسان ۾ تيل سؤدو پڪو آهي.‘

ائين چئي پوت گم ٿي ويو. پوت فقط رات جي وقت ئي ايندا آهن، سج جي روشنيءَ ۾ غائب ٿي ويندا آهن.

پوت جي وڃڻ ڪانپوءِ رامونءَ پٽ کي ننڊ مان اُٿاريو ۽ ڪيس پوت واري سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. پمن ڏاڍو ڏکي ويو. تڏهن رامونءَ چيس، ’هاڻي ٻڌ، واپس ٻوٽ ڇلون ٿا، اُتي هلي اهو ٿلهو ڪاٺو ڪاٽڻ بند ڪج. ٻنهي ڪاٺڻ سان ٻڌڻي پرشت ٿيندي آهي، انسان بي ڏولو ۽ موٽو ٿي ويندو آهي، تنهنڪري هاڻي تون منهنجي ڳالهه ڏيان سان ٻڌ، ٻوٽ هلي فقط نيرن، منجهند ۽ رات جو ئي کائج ۽ سڄو ڏينهن مونسان ڪيتيءَ ۾ ڪم ڪج، نه ته وري مٿي ڪانپوءِ پوت ايندو ۽ توکي کائي ويندو.‘

پمن جي دل ۾ پوت جو ڊپ ويهجي ويو، سو ٻوٽ ۾ پهچي پنهنجي پيءُ جي ڏنل صلاح موجب ئي ورتاءُ ڪرڻ لڳو، سڄو ڏينهن پنهنجي پيءُ سان ڪم ڪندو هئو ۽ ڪاڏو ٻه نيم ٿي کائيندو هئو. مهني ۾ بدن ۾ ڪافي هلڪو ٿي ويو، ڇو ته هڪ ته ڪيتيءَ ۾ سخت پورهيو ۽ ڪاڏو به پورو سارو ته بدن جي سڄي چربي ئي غائب ٿي ويس. پوءِ ته يڪدم سنهڙو سيپڪڙو ٿي پيو جهڙو لڪڙي پهلوان.

مهنو گذريو، رات ٿي، پوت به پنهنجي وچن موجب آيو، اچڻ سان پينڪڙ آواز ڪيائين، ’هو! ها! ها! ڪٿي آهي تنهنجو پٽ پمن؟ مان اڄ هن کي کائيندس.‘

رامونءَ آڱر سان اشارو ڪري چيس، ’هو بيٺو ٿئي پمن پلي تون هن کي کاءُ.‘

پوت چيو، ’اڙي هي وري ڪير آهي؟ لڪڙي پهلوان!

پتنگ (لغز)

واھ! واھ! منھنجا پتنگَ.
انيڪ آھن تنھنجا رنگَ

آسمان ۾ تنھنجو ڏيرو
پهچائي ٿو توکي ڍيرو
جاڳائين نت نوان اُمنگَ
واھ! واھ! منھنجا پتنگ.

دل کي ڏُک جي لهر نہ ڏين تو.
حال هوا جو پورو سلين ٿو.
تنھنجا انوکا آھن ڍنگ
واھ! واھ! منھنجا پتنگ.

من جي اُداسي تون ٿو مٽائين.
مؤج وچان ٿو لوڏا کائين.
ساگر ۾ جيئن اُتي ترنگ.
واھ! واھ! منھنجا پتنگ.





ساوَن ڪمار اُداسي

ساوَن ڪمار اُداسيءَ جي واقفيت مونسان سندس پٽ ديپڪ ڪرائي. هو ڪنهن ڪم سانگي مون وٽ آيو هو. ۽ منهنجا ڇپيل ڪتاب ٻه ٽي مونکي ڏيکاريائين ته سندس ڏاڏي ساوَن ڪمار اُداسي به مشهور ڪوي آهي. ٿالو ٻڌل هو پر اچرج لڳو ته سندس پٽ مونکي ٻڌائي رهيو هو.

ٻيو دفعو اُداسي مونکي ڊاڪٽر ارجڻ سڪايل جي گهر مليو. سنڌڻ ٽي.وي. تي هوليءَ جو مشاعرو هو ۽ سڪايل صاحب سيني حاضر شاعرن کي رياض ڪرائي رهيو هو. پهرين واقفيت ۾ مون کيس ڏٺو ڪونه هو پر ٻي واقفيت ۾ جت مون کيس ڏٺو.

ساوَن ڪمار اُداسی

پوءِ ته اسانجو گڏجڻ مسجڻ چالو رهيو. گهڻن ئي مشاعرن ۾، ادبي ڪلاسن ۾ ملندا هئاسون. پر هڪ دفعي شري گل شرما جي هڪ ڪتاب 'ماڪ ڦڙيا گل' جي مهورت وقت نيو ايريا اسڪول ۾ گڏياسون. پوءِ سڀجي منجهند ۽ شام گڏ هئاسون. اوتي سيڪشن - ٣ ۾ شري شيوي رامناڻي جي گهر به وياسون. ايجان به گهرائي وڌي.

مون سنڌو يوٿ سرڪل ۾ ادبي ڪلاس جنوري ١٩٩٦ کان هلايو ته اُتي به ايندو آهي. هن جي ساهتيه رچنائن جي جاچ مونکي وڏيڪ ادبي ڪلاس ۾ پيئي. سندس پرتيڀا جي ٻاري ۾ سندس ڪويتا پاڻ ثابتي تو ڏي. ١٩٩٦ ۾ ئي رٽاير ٿيڻ کانپوءِ مون هڪ ٢ ماهي رسالو 'ڪرڻو' شروع ڪيو. ادبي ڪلاس ۾ ايندڙن جون رچنائون پهريون وجهندو آهيان پوءِ ٻين جون.

'ڪرڻو' ۾ هڪ ٣ صفحن جو ڀاڱون آهن 'ٻال دوست.' ان لاءِ به ساوَن ڪمار اُداسي ڪجهه ٻال رچنائون ڏنيون. پر هڪ مڪل جهجهي انداز ۾ ڏنائين ته آءٌ منجهي پيس ته سندس ڪهڙيون ٻال رچنائون ڇپيان. مونکي سڀ جون سڀ پسند هيون. مون کيس صلاح ڏني ته هو پنهنجون رچنائون ٻارن جي لاءِ ڪتابي صورت ۾ آڻي. جيئن ته مونکي پسند هيون ان خيال کان هن مونکي عرض ڪيو ته آءٌ 'ڪڪريجا پبلشنگ هائوس' پاران ڇپائي ظاهر ڪريان. مون منظور ڪيو. سندس رچنائن کي چٽر به مون ڏنا. هيئنر ڪتاب توهان جي سامهون آهي. توهان پاڻ آمين ٿيو ته 'ٻال سڀا' ڪيئن لکيل آهي. ليڇمڻ. يو. ڪڪريجا 'مسافر'

1.23